# دعوتِ اسلاميءَ

# معاشري جي اصلاح

01-September-2022



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

1 سيپٽمبر، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# دعوتِ اسلامي ۽ معاشري جي اصلاح

## هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ... شرارتي نوجوان ڪيئن سڌريو...؟
- ... معاشري جي اصلاح دين جو بنيادي مقصد آهي
- ... دعوتِ اسلامي ۽ عشقِ رسول جو واڌارو
- ... دعوتِ اسلامي ۽ علمِ دين جو واڌارو

پيشڪش
مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله     وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله     وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرود شريف جي فضيلت

مسلمانن جو پهريون خليفو، اميرُالمؤمنين حضرت ابوبڪر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ ارشاد فرمايو: نبي پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي درود شريف پڙهڻ گناهن کي ايتري قدر جلدي متائيندو آهي جو پاڻي بہ باهہ کي ايترو جلدي ناهي وسائيندو ۽ پاڻ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي سلام موڪلڻ غلام آزاد ڪرڻ کان افضل آهي. [(1)]

تیری اِک اِک ادا پر اے پیارے | سَو درودیں فدا، ہزار سلام
وہ سلامت رہا قیامت میں | پڑھ لئے جس نے دِل سے چار سلام [(2)]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سٺي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي. [(3)]

---

[1]...تاريخِ بغداد ، جلد:7، صفحہ:172، رقم:3706۔

[2]...ذوقِ نعت، صفحہ:170-171۔

[3]...مسند فِرْدَوس، جلد:4، صفحہ:305، حديث:6895۔

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجهه سنيون سنيون نيتون ڪريون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ۞ رضاءِ الٰهي جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ باأدَب ويهندس ۞ خوب تَوَجُّھ سان بيان ٻُڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيبِ! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## شرارتي نوجوان ڪيئن سڌريو...؟

عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي شروعاتي ڏهاڙن جي ڳالهه آهي، هڪ ڀيري اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة ڪٿي بيان ڪري پيادل ئي واپس تشريف ڪٺي اچي رهيا هئا، رات ڪافي ٿي چڪي هئي، 2 اسلامي ڀائر سندن سان گڏ هئا، رستي ۾ هڪ هنڌ ڦٽ پاٿ (*Footpath*) تي ڪجھ نوجوان فضول ڪچهري ۾ مشغول هئا، انهن جو ظاهري حُليو ٻڌائي رهيو هو تہ هي ڪي شريف ماڻهو ناهن. جڏهن اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة انهن جي ڀرسان گذريا تہ انهن مان هڪ نوجوان کي شرارت ذهن ۾ آئي، ان پان جي ٿڪ ڪين ڪپڙن تي اڇلائي، ڪپڙا خراب ٿي ويا.

هي غير اخلاقي حرڪت توڙي جو سخت ڪاوڙ ڏيارينڌڙ هئي پر هڪ مبلغ هر جڳهه هر حال ۾ مبلغ ئي هوندو آهي، اهو پنهنجي نفس جي خاطر ڪاوڙ ناهي ڪندو بلڪ نرمي ۽ حڪمتِ عملي سان نيڪيءَ جي دعوت کي عام ڪندو آهي. شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جن بہ اهو ئي ڪيو، پاڻ ان شرارتي نوجوان جي ويجهو تشريف کڻي آيا، سلام ڪيائون ۽ نهايت ئي نرمي سان فرمايائون: پيارا ڀاءُ! مون تي پان جي ٿڪ اڇلائي ڪري توهان کي ڇا مليو؟ شرارتي نوجوان سخت لهجي ۾ چيو: بس اسان کي مولوين کي تنگ

ڪرڻ ۾ گهڻو مزو ايندو آهي. هي ٻڌي ڪري اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ پنهنجي قميص جو دامن وڌايو ۽ سنجيدگيءَ سان فرمايائون: جيڪڏهن توهان جي دل هن ۾ خوش ٿيندي هجي تہ ونو! اچا پان جي ٽڪ اڇلايو!

اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو حِلم (*Patience*) ۽ اهڙو شفقت ڀريو لهجو ڏسي ڪري انهن شرارتي نوجوانن جا متا شرم سان جهڪي ويا، هاڻي هو سمجهي چڪا هئا تہ اسان غلطي ڪئي آهي، بهرحال انهن معافي گهري، اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جن مسڪرائي فرمايو: ايئن ئي معافي نہ ملي ويندي، ان لاءِ توهان ڪي مون سان گڏ چانهہ پيئڻي پوندي.

الله اڪبر! هڪ پاسي بداخلاقي (*Misbehavior*) سان پيش اچڻ وارا شرارتي نوجوان ۽ ٻئي پاسي باعمل مبلغ جون اهڙيون نوازشون...!! ڀلا ڪير آهي جنهن جي دل اهڙي شفقت تي ڪهڪاءُ نہ اچي. اهي نوجوان عطائن جي هيءَ برسات ڏسي تمام گهڻو متاثر ٿيا، انهن اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي چانهہ جي دعوت قبول ڪئي، چانهہ پيئڻ جي دوران ئي اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ انهن کي دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، اهي نوجوان متاثر تہ پهريان ئي ٿي چڪا هئا، جيئن تہ انهن اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي دعوت کي قبول ڪيو ۽ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت جي لاءِ تيار ٿي ويا.

جڏهن هي نوجوان هفتيوار اجتماع ۾ پهتا تہ هي ڏسي ڪري انهن جون اکيون کلي ويون تہ انهن جنهن کي عام شخص سمجهي ڪري ستايو هو، هُو هزارن جي اجتماع ۾ بيان فرمائي رهيا آهن ۽ اجتماع جا شرڪا وڏي توجهہ ۽ عقيدت سان بيان ٻڌي رهيا آهن. انهن نوجوانن ويجهي ويٺل اسلامي ڀاءُ کان پڇيو: هي بيان فرمائڻ وارا مبلغ ڪير آهن؟ چيائين: هي حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ آهن. هي ٻڌي ڪري اهي نوجوان اڃان

وڏيڪ متاثر ٿيا، بيان کان بعد اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ رقّت انگيز دعا (*prayer*) گهري ته انهن نوجوانن به روئي روئي ڪري پنهنجن گناهن کان توبهه ڪئي ۽ الحمد لله! نه صرف پاڻ نيڪ ڪمن ۾ مصروف ٿيا بلڪ ٻين کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارا بڻجي ويا.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

الله پاڪ شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ تي ڪروڙين رحمتون نازل ڪري. کين خير و عافيت واري وڏي ڄمار نصيب ڪري. هي اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي دانائي، سندن استقامت، سندن عاجزي ۽ معاشري جي اصلاح جو درد آهي جو پاڻ انهن شرارتي نوجوانن سان بَحث ۽ تڪرار به نه ڪيائون، شرارتي نوجوان پان جي ٿڪ اڇلائي ته پاڻ ڪاوڙ به نه ڪئي بلڪ موقعي جي نزاڪت کي سمجهندي ڪمال حڪمتِ عملي سان انهن کي نيڪي جي دعوت ڏني، طعنن جي زهريلن تيرن جي عيوض محبت ۽ شفقت جا گلَ وڇايا ۽ معاشري (*Society*) جي بگڙيل نوجوانن کي نه صرف نيڪ رستي جو مسافر بڻايو بلڪ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۽ برائيءَ کان روڪڻ وارو مبلغ به بڻائي ڇڏيو.

چور ڈاکو آندے نے، نمازی بن جاندے نے | عاشق لندن پیرس دے حاجی بن جاندے نے
مٹھا مرشد ویکھو تقدیراں اے سنواردا | میرا پیر، میرا پیر، میرا پیر، میرا پیر

## سمجهايو! ڇوته سمجهائڻ فائدو ڏيندو آهي

اي عاشقانِ رسول! موقعي جي نزاڪت کي سمجهي ڪري حڪمتِ عملي ۽ پيار محبت سان سمجهايو وڃي، نيڪي جي دعوت پيش ڪئي وڃي ته ان جو

[1] ...هيرَ وئنچِي کی توبہ،صفحہ:6-9 ملخصاً۔

واقعي اثر ٿيندو آهي، سيپارو 27، سورة ذاريات، آيت: 55 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَّ ذَكِّرْ فَاِنَّ الذِّكْرٰى تَنْفَعُ الْمُؤْمِنِیْنَ ﴿۵۵﴾<br>(سيپارو: 27، سورة ذاريات، آيت 55) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ سمجهائيندا رهو ڇوته سمجهائڻ ايمان وارن کي فائدو ڏيندو آهي. |

علّامہ محمود آلوسي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه آيتِ ڪريمہ جي معنٰي بيان ڪندي فرمائن ٿا: اي محبوب (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) هميشہ واعظ ۽ نصيحت ڪندا رهو جو بيشڪ واعظ ۽ نصيحت سان ايمان وارن جي دل جي روشني وڌندي ۽ ايمان ۾ يقين ۾ اضافو ٿيندو آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! خبر پئي نيڪي جي دعوت ڏيڻ ڪنهن وقت بہ نہ ڇڏڻ گهرجي، حالات ڪهڙا بہ هجن، پانهو دعوت ڏيندو رهي، برائين کان منع ڪندو رهي، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان جو فائدو ئي ٿيندو، نقصان ناهي.

تفسير صراطُ الجنان ۾ آهي: نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو هڪ فائدو هي آهي تہ جنهن کي سمجهايو وڃي، ان جي باري ۾ اميد هوندي آهي تہ هُو برا ڪم ڇڏي ڪري نيڪ ڪم ڪرڻ لڳندو، ٻيو فائدو هي آهي تہ نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ جي ذميداري (***Responsibility***) پوري ٿي ويندي.[2]

امام فخرُ الدّين رازي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي فرمان جو خلاصو آهي: ڪافرن کي بہ سمجهايو! ممڪن آهي تہ نيڪي جي دعوت جي برڪت سان هو ايمان قبول ڪن، ايئن انهن کي بہ فائدو پهچي، جيڪڏهن اهي ايمان قبول نہ ڪن، تڏهن بہ

---

[1]...تفسير روح المعانى، پاره:27، سورۂ ذاريات، تحت الآية:55، جز :27، جلد:14، صفحه:30۔

[2]...تفسير صراط الجنان، پاره :27، سورۂ ذاريات، تحت الآية:55، جلد:9، صفحه:510۔

فائدو آهي جو نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو ثواب نصيب ٿيندو. [1]

میں نیکی کی دعوت کی دھومیں مچاؤں | تُو کر ایسا جذبہ عطا یاالٰہی!

## جنّتُ الفردوس ڪنهن جي لاءِ آهي؟

حضرت ڪعب الاحبار رَضِیَ اللہُ عَنْهُ فرمائن: جنّت الفردوس خاص ان شخص جي لاءِ آهي جيڪو نيڪي جو حڪم ڏي ۽ برائيءَ کان منع ڪري. [2]

## معاشري جي اصلاح دين جو بنيادي مقصد آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! معاشري جي اصلاح دين جو اهم ۽ بنيادي مقصدن مان اهم ترين مقصد آهي. سيپارو: 13 سورة ابراهيم، آيت: 1 ۾ الله فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| الٓرٰ ۫ كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ اِلَیْكَ لِتُخْرِجَ النَّاسَ مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ۙ<br>(سيپارو: 13 سورة ابراهيم: آيت 1) | ترجموڪنزالعرفان: الٓرٰ. هي هڪ ڪتاب آهي جيڪو اسان اوهان جي طرف نازل ڪيو آهي ته جيئن اوهان ماڻهن کي انهن جي ربَّ جي حڪم سان اونداهين مان روشنيءَ جي طرف آڻيو |

معلوم ٿيو: قرآنِ ڪريم جي نزول جو هڪ اهم مقصد هي به آهي ته ان جي ذريعي معاشري (*Society*) جي ماڻهن کي اونداهيءَ مان ڪڍي ڪري نُور ۽ روشنيءَ ۾ آندو وڃي. جيڪي ڪفر جي اونداهين ۾ گمراهه ٿي رهيا آهن، انهن کي ايمان جي نور جي طرف آندو وڃي ۞ جيڪي گناهن جي اونداهيءَ ۾ آهن، انهن کي نيڪي جي نور جي طرف آندو وڃي ۞ جيڪي جهالت جي اونداهيءَ ۾ آهن، انهن کي علم جي نور سان سينگاريو وڃي ۞ جيڪي بد اخلاقي ۽ بري ڪردار جي اونداهيءَ ۾ آهن، انهن کي اعلٰي اخلاق ۽ ڪردار جي نور جي

[1]…تفسير كبير ،پاره :27 ،سورة ذاريات ،تحت الآية:55 ،جلد:10 ،صفحه:191بتغير قليل۔

[2]…تَنْبِيْهُ الْمُغْتَرِّين، صفحه:201 ۔

طرف آندو وجي ❁ جيڪي نفساني خواهشن جا پيروڪار آهن، انهن کي اطاعت ۽ عبادت جي نور جي طرف آندو وجي ❁ جيڪي دنيا جي محبت ۽ مال جي لالچ جي اونداهيءَ ۾ آهن، انهن کي فڪرِ آخرت جي نور سان سينگاريو وجي، مطلب تہ: معاشري جو هر اهو ماڻهو جيڪو ڪنهن طرح جي اونداهيءَ ۾ آهي، ان کي اونداهيءَ مان ڪڍي ڪري نور ۽ روشني فراهم ڪرڻ هي نزولِ قرآن جو اهم ۽ بنيادي مقصد آهي. [(1)]

## دعوتِ اسلامي ۽ معاشري جي اصلاح

پيارا اسلامي ڀائرو! هلندڙ دور قربِ قيامت جو دور آهي، قيامت جون ڪافي نشانيون پوريون ٿينديون پيون وڃن، هر پاسي فتنا وڌي رِيا آهن، بي حيائي وڌندي پئي وڃي، گناهن جو سيلاب اچي ويو آهي، اهڙي حالات ۾ دعوتِ اسلامي الحمد للہ نُور جو ڪرڻو آهي ❁ دعوتِ اسلامي فتنن کان پريل هن دور ۾ روشنيون ورهائيندي آهي ❁ دعوتِ اسلامي نيڪي جي دعوت عام ڪندي، ۽ برائين کان روڪيندي آهي ❁ دعوت اسلامي ڪافرن کي اسلام جي دعوت ڏيندي آهي، گنهگار مسلمانن کي نيڪ رستي جو مسافر بڻائيندي آهي ❁دعوتِ اسلامي جهالت جي اونداهي مٽائيندي آهي، علمِ دين جو نور ورهائيندي آهي ۽ اللہ پاڪ جي فضل سان معاشري ۾ ٿيڻ وارين برائين جي اڳيان بند ٻَڌندي آهي ❁ معاشري ۾ بگاڙ جو اهو ڪهڙو پهلو آهي، جنهن جي سڌاري جي ڪوشش دعوتِ اسلامي ناهي ڪري رهي؟ ❁ زندگيءَ جو اهو ڪهڙو شعبو (*Department*) آهي، جتي دعوتِ اسلامي نيڪي جي دعوت عام نہ پئي ڪري ؟

الحمدللہ! دعوتِ اسلامي ہ پاسي آهي، زندگي جي هر شعبي ۾ آهي ❁ سيٺ ڪان وٺي مزدور تائين ❁ وڪيلن (*lawyers*) ۽ ججز کان وٺي ڪري مجرم تائين

---

[1]...تفسير خازن، پاره :13،سورۂ ابراہيم، تحت الآيۃ:1، جلد :3، صفحہ:27 ماخوذاً۔

❁ پوليس کان وٺي مُجرم تائين ❁ تاجر ڪمپنين کان وٺي ريزڪي بازار(*Retail Market*) تائين ❁ ننڍي کان وڏي تائين، وڏي کان ننڍي تائين الله پاڪ جي فضل سان دعوتِ اسلامي تقريباً هر هڪ شعبي ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪندي روشنيون ورهائڻ ۾ مصروفِ عمل آهي.

## اجڙيل زندگيءَ ۾ بهار ڪيئن آئي...؟؟

هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي، اهي چون ٿا: مان برن دوستن سان ويهندو هيس، ان سان شروع ۾ مون کي سگريٽ جي عادت ٿي، پوءِ آهستي آهستي مان چرس ۽ هيروئن جهڙي مُهلڪ نشي جو عادي ٿي ويس، هاءِ! مان 16 سالن تائين نشي جو عادي رهيس، مونکي گهر مان ڪڍيو ويو، مان فٽ پاٿ (*Footpath*) تي سمهندو، ڪچري جي ڍير مان ڪائڻ جون شيون چونڊي ڪري يا ماڻهن کان گهري ڪري کائيندو هيس، توهان کي شايد يقين نه اچي، مون هڪ ئي لباس ۾ 16 سال گذاري ڇڏيا. منهنجي حالت چرين وانگر ٿي چڪي هئي، ماڻهو مون کان نفرت ڪندا هئا، ڪو ويجهي کان گذرڻ به پسند نه ڪندو هو.

پوءِ منهنجي اجڙيل زندگي ۾ بهار آئي، شايد شبِ براءَت هئي، مان بدنصيب هڪ گهٽي جي ڪوند ۾ ڪچري جي ڍير وٽ سُتل هيس، اوچتو منهنجي ڪنن ۾ هڪ آواز آيو، ڪنهن نهايت ئي پياري انداز ۾ مونکي سلام ڪيو، مونکي حيراني ٿي ته ڀلا مون ۾ ڪنهن کي ڪهڙو ڪم ٿي سگهي ٿو؟ نگاهه ڪنئي ته ڏٺم:2 اسلامي ڀائر منهنجي سامهون بيٺا آهن، چهرن تي ڏاڙهي آهي، مٿي تي عمامي شريف جو تاج آهي، اهي ٻئي اڳتي وڌيا، وڏي پنهنجائپ سان چيائون: توهان کي ڪجهه عرض ڪرڻو آهي. مونکي زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ڪنهن ايڏي محبت سان مخاطب ڪيو هو، اسلامي ڀائرن منهنجو نالو پڇيو، پوءِ شبِ براءَت جي اهميت (*Importance*) ٻڌائي، مان انهن جي شفقت ڀري اندازِ گفتگو سان پهريان ئي متاثر (*Impress*) ٿي چڪو هيس، وڌيڪ شبِ براءَت جي عظمت

ٻڌي تہ ضمير جاڳيو تہ اڄوڪي رات الله پاڪ وڏن وڏن گناهگارن جي بخشش فرمائي ڇڏيندو آهي پر هاءِ! نشو ڪرڻ وارو بد نصيب هن رات بہ مغفرت کان محروم رهندو آهي، هي سوچي ڪري مان تڙپي ويس، انهن اسلامي ڀائرن جي محنت رنگ لاتو ۽ مان انهن سان گڏ ئي مسجد جي طرف هليس، مون غسل ڪيو، ڪپڙا تبديل ڪيا، هاءِ! اڄ مان 16 سالن کان بعد مسجد ۾ داخل ٿي رهيو هيس، جڏهن مون نماز جي نيت ڪئي تہ مون تي رقت طاري ٿي وئي، منهنجي اکين مان لڙڪ وهي رهيا هئا، مان ڪافي دير تائين پنهنجي گناهن کي ياد ڪري ڪري روئيندو رهيس، الله پاڪ کان معافي گهرندو رهيس. اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه تي ۽ دعوتِ اسلامي تي ربِّ ڪريم جون ڪروڙين رحمتون نازل ٿين جو انهن جي بدولت هڪ ڀڳل غلام پنهنجي مولا جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿي ويو.[1]

آ جاؤ گنہگارو! بدکارو! سیہ کارو! | بے شک رہِ جنّت ہے دعوتِ اسلامی
اسلام کی دعوت ہے، یہ دعوتِ اسلامی | اور داعیِ سنّت ہے، یہ دعوتِ اسلامی

پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهي توهان جي دعوتِ اسلامي...!! جنهن کان بيزار ٿي ڪري گهر وارن گهر مان ڪڍي ڇڏيو، ماڻهو جنهن کان نفرت ڪندا هئا، معاشري جو اهو شخص جنهن جي زندگي ۾ چئن ئي پاسي کان اونداهي ئي اونداهي هئي، دعوتِ اسلامي وارن عاشقانِ رسول ان کي بہ شفقت ڏني، ان جي زندگي ۾ بہ روشني آئي ۽ 16 سال گناهن جي اونداهيءَ ۾ ٻڏل شخص، توبهہ جي نور سان مُنَوَّر ٿي ويو.

الحمدلله! دعوتِ اسلامي جو هيءُ ئي ڪم آهي ❁ هلندڙ دور ۾ جڏهن ڀاءُ ڀاءُ جو گريبان پڪڙي رهيو آهي، دعوتِ اسلامي محبت جا گل ورهائي رهي آهي ❁هلندڙ دور ۾ اولاد پوڙهي والدين کان تنگ اچي ڪري اَولڊ هائوس *(Old*

---

[1] ...ٻِيرَ وِئِنچِي کي توبہ،صفحہ:11-12 ملخصاً۔

*house)* جو رستو ڳولیندو آهي، دعوتِ اسلامي هن دور ۾ والدين جا پيرَ چمڻ سيکاري رهي آهي ۞ هلندڙ هن مشيني دور ۾ جڏهن ماڻهو مشيني ترقي کي ئي سڀ ڪجهه سمجهي رهيا آهن، ادب جي پستي ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وڃي، هن دور ۾ ننڍن کي ادب توهان جي دعوتِ اسلامي سيکاريندي آهي، ۞ وڏن کي شفقت جو درس توهان جي دعوتِ اسلامي ڏيندي آهي پاڙي وارن جا حق دعوتِ اسلامي سيکاريندي آهي ۞ دوستيءَ جا آداب دعوتِ اسلامي ٻڌائيندي آهي ۞ اخلاق ۽ ڪردار جي بهتري جون ڪامياب ڪوششون دعوتِ اسلامي ڪري رهي آهي الله پاڪ جي فضل سان ربِّ ڪريم کي ويساريل انسانن کي زندگيءَ جي مقصد (*Purpose of Life*) سان آگاهه ڪري ربِّ ڪائنات جي بارگاهه ۾ بيهاري ڇڏڻ هي به توهان جي دعوتِ اسلامي جو ڪارنامو آهي.

## مثالي معاشرو ۽ دعوتِ اسلامي

پيارا اسلامي ڀائرو! هڪ مثالي معاشري کي جن شين جي ضرورت هوندي آهي يا ائين ڪٿي چئجي ته هڪ حقيقي اسلامي ڀاءُ معاشري ۾ جن بنيادن تي بيهندو آهي، انهن بنيادن جي اعتبار سان غور ڪريو ته انهن مان سڀ کان اهم بنياد عشقِ رسول آهي.

## اسلامي معاشري جو پهريون بنياد: عشقِ رسول

عشقِ رسول جي بغير مسلمان جو ايمان به ڪامل ناهي ٿيندو، ته پوري معاشري جي اصلاح ڪيئن ٿي سگهي ٿي؟ الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| قُلْ اِنْ كَانَ اٰبَآؤُكُمْ وَ اَبْنَآؤُكُمْ وَ اِخْوَانُكُمْ وَ اَزْوَاجُكُمْ وَ عَشِيْرَتُكُمْ وَ اَمْوَالُ | ترجموڪنزالعرفان: اوهان فرمايو: جيڪڏهن توهان جا پيءُ ۽ توهان جا پٽ ۽ توهان جا ڀائر ۽ توهان جون زالون ۽ توهان جو خاندان ۽ توهان |

| | |
|---|---|
| اِقْتَرَفْتُمُوْهَا وَ تِجَارَةٌ تَخْشَوْنَ كَسَادَهَا وَ مَسٰكِنُ تَرْضَوْنَهَآ اَحَبَّ اِلَيْكُمْ مِّنَ اللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ جِهَادٍ فِيْ سَبِيْلِهٖ فَتَرَبَّصُوْا حَتّٰى يَاْتِيَ اللّٰهُ بِاَمْرِهٖ ؕ (سيپارو: 10، سورة توبه: آيت 24) | جي ڪمائي جا مال ۽ اها تجارت جنهن جي نقصان کان توهان ڊڄو ٿا ۽ توهان جون پسنديده جايون توهان کي الله ۽ ان جي رسول ۽ ان جي واٽ ۾ جهاد ڪرڻ کان وڌيڪ محبوب آهن ته انتظار ڪيو ايستائين جو الله پنهنجو حڪم آڻي. |

اعلٰي حضرت امامِ اهلِ سنّت، شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هن آيت مان معلوم ٿيو ته جنهن کي دنيا ۾ ڪو معزّز، ڪو عزيز، ڪو مال، ڪا شيءِ الله ۽ رسول کان وڌيڪ محبوب هجي، اهو الله پاڪ جي بارگاهه کان ڌڪاريل آهي، الله پاڪ ان کي پنهنجي طرف واٽ نه ڏيندو، ان کي الله پاڪ جي عذاب جي انتظار ۾ رهڻ گهرجي.[1]

الله پاڪ جي محبوب نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ارشادِ پاڪ آهي: توهان مان ڪو ان وقت تائين (ڪامل) مسلمان نه ٿيندو، جيستائين مان ان کي ان جي ماءُ پيءُ، اولاد ۽ سڀني ماڻهن کان وڌيڪ پيارو نه ٿي وڃان.[2]

محمدؐ (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم) کی محبّت دینِ حق کی شرطِ اوّل ہے | اسی میں ہو اگر خامی تو سب کچھ نامکمل ہے

هڪ شاعر چيو هو:

قوموں کے لئے موت ہے مرکز سے جُدائی

ٽاري وڻ کان ٽُٽي ڪَري ڪِري پئي ته ان تي ميوو ناهي لڳندو، اها گهٽي دير تائين سائي نِتي رهي سگهي، جلدئي سڪي ويندي آهي، پوءِ ان کي باهه ۾

[1]...تمہید الایمان ،صفحہ:55۔

[2]...بخاری،کتاب بدء الایمان،باب حب الرسول من الایمان،صفحہ:74،حدیث:15۔

ساڙيو ويندو آهي، اهڙيءَ طرح قوم جڏهن پنهنجي مرڪز ڪان جدا ٿي وڃي ته ته ڊگهي عرصي تائين زنده ناهي رهي سگهندي، جلدئي تباهه ۽ برباد ٿي ويندي آهي.

اسان مسلمانن جو مرڪز ڇا آهي؟ اسان جو مرڪز رسولِ خدا، امامُ الْاَنبياء، احمدِ مجتبٰي، محمدِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهن، تنهنڪري جيستائين مسلمان عشقِ مصطفٰي جي ذريعي پنهنجي مرڪز سان مضبوط نه ٿي وڃن، ان وقت تائين معاشري جي نه اصلاح ٿي سگهي ٿي ۽ نه ئي معاشرو ترقي جي طرف وڌي سگهي ٿو.

## دعوتِ اسلامي ۽ عشقِ رسول جو واڌارو

الحمدلله! توهان جي دعوتِ اسلامي عشقِ رسول جا چراغ روشن ڪندي آهي، شيخِ طريقت، اميرِ اهل سنت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرتِ علامه مولانا محمد الياس عطّارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ پاڻ به تمام وڏا عاشقِ رسول آهن ۽ پاڻ ڪروڙين دلين ۾ عشقِ رسول جا چراغ روشن ڪيا آهن

۽ الله پاڪ جي فضل سان دعوتِ اسلامي صرف عشقِ رسول جو نعرو ناهي لڳائيندي، دعوتِ اسلامي باعمل عاشقِ رسول ٺاهيندي آهي. ڪيترائي اهڙا آهن جيڪي عشقِ رسول جو دم ته ڀريندا آهن پر نمازون به پوريون ناهن پڙهندا، دعوتِ اسلامي عاشقانِ رسول کي نمازون پڙهڻ وارو عاشقِ رسول ٺاهيندي آهي، دعوتِ اسلامي ۾ الحمدلله! لکين نه ڪروڙين عاشقانِ رسول نظر ايندا جن جي ظاهري حليي مان ئي عشقِ رسول نظر ايندو آهي، ڪيترائي اهڙا نوجوان آهن، جيڪي دنيا ۾ بُرن گناهن ڀري مجازي عشق ۾ مبتلا هئا، دعوتِ اسلامي جي برڪت سان هاڻي يادِ مصطفٰي ۾ گُم رهندا آهن، لکين نوجوان آهن جيڪي پهريان لنڊن ۽ پيرس جا خواب ڏسندا هئا، هاڻي مديني جي يادين ۾ گُم رهندا آهن، ڪيترا اهڙا آهن جيڪي ڳائڻ وڄائڻ جا شوقين هئا، هاڻي نعتِ

مصطفٰي ٻڌي ڪري لڙڪ وهائيندا آهن، ڪيترا اهڙا آهن جيڪي فيشن پرستي جي آفت ۾ مبتلا هئا، هاڻي انهن جي چهري تي سنّت جي مطابق ڏاڙهي شريف آهي، مٿي تي عمامي جو تاج آهي، لباس سنّت جي مطابق، وارَ سنّت جي مطابق... سنّتن جون اهڙيون هلندڙ ڦرندڙ تصويرون دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ توهان کي عام نظر اچي وينديون، هي آهي دعوتِ اسلامي جيڪا عشقِ رسول جو صِرف نعرو ناهي لڳائيندي بلڪ عاشقانِ رسول کي باعمل عاشقِ رسول بڻائيندي آهي.

اگر سُنّتیں سیکھنے کا ہے جذبہ | تم آجاؤ دیگا سِکھا مدنی ماحول
تُو داڑھی بڑھا لے عمامہ سجا لے | نہیں ہے یہ ہرگز بُرا مدنی ماحول
تمہیں لُطف آ جائے گا زندگی کا | قریب آ کے دیکھو ذرا مدنی ماحول
نبی کی محبَّت میں رونے کا انداز | چلے آؤ سِکھلائے گا مدنی ماحول

## عشقِ مصطفٰي ۾ روئيندي روئيندي سڏڪا پرڻ لڳو

بهاولنگر (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: مان حيدرآباد جي هڪ فيڪٽري ۾ ڪم ڪندو هيس، اتي منهنجي ملاقات هڪ اسلامي ڀاءُ سان ٿي، انهن مونکي نيڪي جي دعوت ڏني ۽ گڏوگڏ اميرِ اهلِ سنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِیَہۡ جو بيان **”حضرت بلال رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو عشقِ رسول“** بہ تحفي ۾ ڏنو، مون اهو بيان هلايو، اميرِ اهلِ سنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِیَہۡ جا عشقِ رسول سان ڀريل باادب الفاظ منهنجي ڪنن ۾ پوڻ لڳا، جيئن جيئن بيان ٻڌندو ويس، **منهنجي دل ۾ عشقِ مصطفٰي جي شمع روشن ٿيندي وئي، بيان ٻڌڻ جي دوران مون تي رقت طاري هئي ۽ عشقِ رسول ۾ روئيندي روئيندي سُڏڪا پرڻ لڳس،** الحمد لله! انهيءَ بيان سان متاثر ٿي ڪري مان اميرِ اهلِ سنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِیَہۡ جي بارگاه ۾ حاضر ٿيس، ڪانئس ملاقات بہ ڪئي، عطاري پڻ ٿي ويس، ڏاڙهي

شريف بہ سجائي ۽ مٿي تي عمامو شريف جو تاج بہ سجائي ورتو. [1]

گنہگارو آؤ! سِیہ کارو آؤ! | گناہوں کو دے گا چھڑا مدنی ماحول
پِلا کر مئے عشق دیگا بنا یہ | تمہیں عاشقِ مصطفٰے مدنی ماحول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## درود ۽ سلام جي عاشق

ڪراچي جي علائقي رنڇوڙ لائن جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: منهنجي پيڻ اٽڪل 1994ء ۾ شيخ طريقت، اميرِ اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ کان بيعت ٿي ڪري عطاريہ بڻي، انهي وقت کان ڪيس زندگي ۾ مدني انقلاب آيو، هُوءَ پنج وقت جون نمازون پڙهڻ لڳي، جڏهن ان کي خبر پئي تہ پيرو مرشد فلمن ڊرامن کان تمام گهڻي نفرت ڪندا آهن، انهيءَ ڏينهن کان منهنجي پيڻ فلمون ڊراما وغيره ڏسڻ ڇڏي ڏنا، هڪ سال کان بعد منهنجي پيڻ جي طبيعت خراب ٿي، علاج ڪرايو پر حالت وڌيڪ بگڙجندي وئي، بيماري جي ڪري منهنجي پيڻ تمام ڪمزور ٿي وئي هئي، الحمد لله! ان جي باوجود انهن جي دل ۾ عشقِ رسول جا مقدَّس جذبات مضبوط هئا، منهنجي پيڻ ڪثرت سان درود ۽ سلام پڙهندي رهندي هئي، جمعي جي ڏينهن جڏهن عاشقانِ رسول جا مسجدن مان

مصطفٰے جانِ رحمت پہ لاکھوں سلام

جا آواز ايندا ها تہ انهن تي سُرور جي ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي، شديد تڪليف جي باوجود دَريءَ جو سهارو وٺي ڪري پردي جو احتياط ڪندي باادب اٿي بيهندي هئي ۽ صلوٰة و سلام جي صدائن ۾ گُم ٿي ويندي هئي، ان جي اکين مان لڙڪ جاري ٿيندا هئا، بار بار روئيندي روئيندي سُڏڪا پرڻ لڳنديون هئي، جيستائين صلوٰة و سلام جا آواز ايندا رهندا ها، منهنجي پيڻ ايئن ئي

[1]...فِلمی اداکار کی توبہ (حصہ:3)،8 -10 ملخصاً۔

باادب بيٺل هوندي هئي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهي توهان جي دعوتِ اسلامي...!! عشقِ رسول جي اهڙي ڪيفيتن سان ڀريل هزارين عاشقانِ رسول الحمد لله! دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ ملي ويندا. الله پاڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول جي برڪت سان اسان تي به ڪرم فرمائي، ڪاش! اسان کي به عشقِ رسول جي دولت ملي ۽ اسان سچا ۽ باعمل عاشقِ رسول بڻجڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون.

مُطِیع اپنا مجھ کو بنا یاالٰہی! سدا سُنّتوں پر چلا یاالٰہی!
غمِ مصطفٰے دے غمِ مصطفٰے دے ہو دردِ مدینہ عطا یاالٰہی!
میں عشقِ نبی میں رہوں گم ہمیشہ تُو دیوانہ ایسا بنا یاالٰہی!

## اسلامي معاشري جو ٻيو بنياد: خوفِ خُدا

پيارا اسلامي ڀائرو! هڪ حقيقي اسلامي معاشري جو ٻيو اهم بنياد خوفِ خُدا آهي. جيستائين دلين ۾ خوفِ خدا پيدا نه ٿي وڃي، ان وقت تائين برائين کان بچڻ مشڪل (*Difficult*) آهي، ڪيئي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي ظاهري طور تمام گهڻو نيڪ نظر ايندا آهن پر انهن جون اڪيلايون گناهن جي اونداهيءَ ۾ ٻڏل هونديون آهن خوفِ خدا اُها عظيم نعمت آهي، جيڪا انسان جي ظاهر ۽ باطن کي سڌاري ڇڏيندي آهي، پوءِ انسان ماڻهن جي سامهون به گناهن کان بچندو آهي ۽ اڪيلائي ۾ به گناهن جي طرف قدم ناهي وڌائيندو.

## خوفِ خدا لغام آهي

اِحياءُ العلوم ۾ آهي: خوفِ خدا الله پاڪ ۽ ٻانهي جي درميان هڪ لغام آهي، جڏهن هي لغام ٽُٽي پئي ته ٻانهو هلاڪ ٿي ويندو آهي.[2]

[1]...صلوٰۃو سلام کی عاشِقہ، صفحہ:1 -2 ملخصاً۔

[2]...احياء علوم الدين ، كتاب الخوف والرجاء،بيان فضيلة الخوف و الترغيب فيه ،جلد:4،صفحہ:197۔

علّامہ اِبنِ جوزي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: خوفِ خدا جي ذريعي ٻانهي کي پاڪيزگي ملندي آهي، تقوٰي نصيب ٿيندو آهي، خوفِ خدا ئي آهي جيڪو نفساني خواهشن کي ساڙي ڇڏيندو آهي ۽ خوفِ خدا جي ذريعي ئي ماڻهو اللّٰه پاڪ جو قرب ماڻڻ وارا اعمال ڪري سگهندو آهي. (1)

## دعوتِ اسلامي ۽ خوفِ خدا جو واڌارو

اي عاشقانِ رسول! هلندڙ دور ۾ جڏهن ماديت پرستي عام آهي، ماڻهو عقل جا گهوڙا ڊوڙائيندا آهن، دلين تي غفلت ڇانئيل هوندي آهي، اهڙيون به خبرون آهن تہ والد جو انتقال ٿيو، گهر جي ٻاهران ايصالِ ثواب جي محفل سجيل آهي ۽ اولاد گهر ۾ فلمون ڊراما ڏسڻ ۾ مصروف آهي.

اللّٰه اڪبر! جڏهن اهڙا حالات هجن تہ خوفِ خدا جو تہ شايد تصوّر بہ نٿو ڪري سگهجي پر قربان وڃو! الحمد لله! دعوتِ اسلامي اها ديني تحريڪ آهي جيڪا اڄوڪي دور ۾ بہ قبر جي ياد ڏياري ٿي، اڄوڪي هن ترقي يافتہ دور ۾ بہ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ اهڙا ڪوڙ سارا ماڻهو ملندا جن جا معمولات اسلاف (يعني پهريان جي نيڪ ماڻهن) جي ياد ڏيارين ٿا، قبرستان وڃڻ، قبرن کي ڏسي ڪري خوفِ خدا ۾ روئڻ، جنازو ڏسي ڪري تڙپي وڃڻ، راتين جو اٿي ڪري خوفِ خدا ۾ لڙڪ وهائڻ، روئي روئي ربَّ جي بارگاهہ ۾ توبھ ڪرڻ، هي اهي مقدّس ڪيفيتون آهن جيڪي دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ عام ڏسڻ جي لاءِ ملنديون آهن. الحمد لله! هن وقت شايد دعوتِ اسلامي هڪ ئي ديني تحريڪ آهي جيڪا دلين کي خوفِ خدا ۾ تڙپائيندي آهي.

اللّٰہ کے ڈر میں، اُلفت میں مُحَمَّد (ﷺ) کی | کرواتی زِیادَت ہے یہ دعوتِ اسلامی

[1]…مڪاشفة القلوب،صفحہ:288 بتقدم و تاخر۔

## خوفِ خدا جي سبب رقّت طاري ٿي وئي

ڪراچي جي علائقي ڪارادر جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: چون ٿا: اسان جي علائقي ۾ هڪ نهايت ئي بدڪردار شخص رهندو هو، اهو پنهنجي حرڪتن جي ڪري تمام گهڻو بدنام هو، گهڻو ڪري شراب جي نشي ۾ بدمست رهندو هو، هڪ ڏينهن ڪنهن اسلامي ڀاء ان کي دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، ان جي خوش نصيبي جو اهو اجتماع ۾ شريڪ ٿي ويو، اجتماع ۾ شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ سنّتن ڀريو بيان فرمايو، رقّت انگيز بيان ان جي دل تي گهڻو اثر ڪيو، ان جي اکين مان ندامت جا ڳوڙها وهڻ لڳا، خوفِ خدا جي سبب ان تي ايتري رقت طاري ٿي جو بيان کان بعد ڪافي دير تائين زارو قطار روئيندو رهيو. پوءِ انهيءَ اجتماع ۾ ان پنهنجي پوين گناهن کان توبهه ڪئي ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي هٿ تي بيعت ڪري حضورِ غوثِ پاڪ شيخ عبد القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو غلام بڻجي ويو.[1]

تیری خَشیّت اور ترے ڈر سے، خوف سے | ہر دم ہو دِل یہ کانپتا یا ربِّ مصطفےٰ![2]

## مثالي معاشري جو ٿيون بنياد: علمِ دين

پيارا اسلامي ڀائرو! هڪ مثالي اسلامي معاشري جو ٽيون اهم بنياد عِلمِ دين آهي. الله پاڪ قرآنِ پاڪ ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| قُلْ هَلْ يَسْتَوِي الَّذِيْنَ يَعْلَمُوْنَ وَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ؕ (سيپارو: 23، سورة زُمر: آيت 9) | ترجمو ڪنزالعرفان: اوهان فرمايو: ڇا علم وارا ۽ بي علم برابر آهن؟ |

---

[1]...صلوٰة و سلام کی عاشِقہ، صفحہ:6 -7 ملخصاً۔

[2]...وسائل بخشش، صفحہ:132۔

ٿورو غور ڪريو! ڪو اهڙو شهر، جنهن ۾ سڀ ماڻهو ئي انڌا هجن، ڪو اکين وارو نہ هجي، ڇا اهڙو شهر ترقي ڪري سگهي ٿو؟ نہ ٿو ڪري سگهي، ترقي ڪرڻ تہ پري جي ڳالهہ زندگي گذارڻ ئي مشڪل ٿي ويندي. هيءُ ئي مثال آهي علم ۽ جهالت جو. جيستائين معاشري ۾ علمِ دين کي نہ وڌايو وڃي، ان وقت تائين معاشري جي اصلاح ٿي وڃڻ، هڪ معاشري جو مثالي معاشرو بڻجي سگهڻ تمام مشڪل آهي، اڄ بہ دنيا جي نقشي تي اهڙا علائقا موجود آهن جتي علمِ دين بلڪل نہ هئڻ جي برابر آهي، اهو ئي سبب آهي جو اتي نہ تهذيب آهي نہ ثقافت (*Culture*)، نہ ادب، نہ ٻين جي حقوق جو پاس ۽ خيال. ان مان خبر پوي ٿي تہ معاشري جي اصلاح جي لاءِ علمِ دين ڪيترو ضروري آهي.

## دعوتِ اسلامي ۽ علمِ دين جو واڌارو

هاڻي ٿورو ڏسو! دعوتِ اسلامي ڪهڙي ڪهڙي انداز سان معاشري ۾ علمِ دين عام ڪرڻ جي لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي: دعوتِ اسلامي جو شعبو آهي: مدرسةُ المدينہ: هتي ٻارڙن ۽ ٻارڙين کي صحيح تَلَفُّظ سان حِفظ ۽ ناظره قرآنِ پاڪ جي مفت تعليم ڏني ويندي آهي ❁ مدرسةُ المدينہ بالغان ۽ بالغات: هتي وڏي عمر جا اسلامي ڀائرَ ۽ اسلامي ڀينرن کي درست تلفظ سان قرآنِ ڪريم جي تعليم ڏني ويندي آهي ❁ جامعةُ المدينہ : هتي طلبہ ۽ طالبات کي درسِ نظامي (يعني عالِم ۽ عالمہ ڪورس) ڪرايو ويندو آهي ۽ ٻيا ديني عُلوم سيکاريا ويندا آهن ❁ فيضان آن لائن اڪيڊمي: جنهن ۾ حفظ ۽ ناظره قرآنِ ڪريم، درسِ نظامي (عالم ڪورس)، 30 کان وڌيڪ آن لائن ڪورسز (اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي) ڪَرايا ۽ ٻيا ديني عُلوم آن لائن سيکاريا ويندا آهن ❁هفتيوار سنّتن ڀريو اجتماع: هر جمعرات جو ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ مختلف شهرن ۾ هفتيوار اجتماع ٿيندو آهي، جنهن ۾ تلاوت، نعت ۽ بيان سان گڏوگڏ آخر ۾ سکڻ سيکارڻ جا حلقا بہ لڳندا آهن، جنهن ۾ مختلف موضوعن تي علمِ

دين سيکاريو ويندو آهي، هفتيوار اجتماع علمِ دين سکڻ ۽ ظاهري باطني اصلاح جو بهترين ذريعو آهي ❁ هفتيوار مدني مذاڪرو: شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ هر ڇنڇر جي رات مدني چينل تي براهِ راست (*Live*) مدني مزاڪرو فرمائيندا (يعني سڄي دنيا جي عاشقانِ رسول جي سوالن جا جوابَ ڏيندا) آهن الله پاڪ جي فضل سان مدني مذاڪرو شريعت ۽ طريقت، علمِ ظاهر ۽ علمِ باطن سکڻ جو بهترين ذريعو آهي ❁ ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ڪم آهي: **درس.** عاشقانِ رسول مسجدن ۾ درس ڏيندا آهن، ان سان به علمِ دين عام ٿيندو آهي، اهڙيءَ طرح گهٽين بازارن، اسڪولن، ڪالجن وغيره ۾ چوڪ درس به ٿيندو آهي، اهي ماڻهو جيڪي مسجد جي حاضريءَ کان محروم رهندا آهن يا ڪنهن سبب مسجد ۾ درس ٻڌڻ کان محروم رهندا آهن، چوڪ درس جي برڪت سان انهن تائين به علمِ دين پهچندو آهي ❁ ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم آهي: تفسير ٻڌڻ ٻڌائڻ جو حلقو، عاشقانِ رسول نمازِ فجر کان بعد مسجدن ۾ هي حلقو لڳائيندا آهن، ان ۾ تفسير صراطُ الجنان مان 2 صفحات ترجمو ۽ تفسير سان گڏ پڙهڻ ٻڌڻ جي ترڪيب ٿيندي آهي، درسِ فيضان سنّت به ٿيندو آهي ۽ اَوراد ۽ وظائف به پڙهيا ويندا آهن ❁ **مدني قافلو:** علمِ دين سکڻ، ٻين تائين پهچائڻ ۽ پنهنجي ۽ ٻين جي اصلاح جي ڪوشش جو بهترين ذريعو آهي، الحمد لله! سڄي دنيا ۾ لکين لکَ عاشقانِ رسول 3 ڏينهن، 12 ڏينهن، 1 مهيني ۽ 12 مهينن جي مدني قافلن ۾ سفر ڪندا رهندا آهن، هي خوش نصيب پاڻ به علمِ دين سکندا آهن ۽ ٻين تائين به پهچائيندا آهن. ❁ **هفتيوار رسالو مطالعو:** هر هفتي سڄي دنيا جي عاشقانِ رسول کي هڪ رسالو پڙهڻ جو هدف ڏنو ويندو آهي. مختصر ۽ نهايت ئي معلوماتي رسالو آهي، الحمد لله! دنيا ڀر جا لکين لکَ عاشقانِ رسول هي رسالو پڙهڻ يا آڊيو (*Audio*) ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهن. ❁ اهڙيءَ طرح

دعوتِ اسلامي جو خاص علمي ۽ تحقيقي شعبو آهي: **المدينةُ العلميہ (اسلامک ريسرچ سنٽر)**. هن شعبي ۾ مدني علماءِ ڪرام نَون نَون موضوعات تي ديني ڪتابَ ۽ رسالا لکندا ۽ مطالعي جا شوقين حضرات جي علمي اُڃَ مٽائڻ جو سبب بڻجندا آهن. ❁ اهڙيءَ طرح دعوتِ اسلامي جو هڪ شعبو آهي: **دارُ السُّنہ**: ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ مختلف شهرن ۾ هي شعبو قائم آهي، هن شعبي جي خاص ڳالھ هيءَ آهي تہ هن ۾ وقت جي ڪا پابندي ناهي، جيڪو جيترو وقت آسانيءَ سان ڏئي سگھندو هجي، دارُ السُّنّہ تي اچي ۽ علمِ دين سکڻ جي سعادت حاصل ڪري. ❁ **مدني چينل**: هڪ برقي (*Electric*) مبلغ، جيڪو الله پاڪ جي فضل سان گھر گھر پهچي ڪري علمِ دين جو فيضان عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي، الحمد لله! مدني چينل تي ڪا مشهوري (*Advertisement*) ناهي ايندي، ساز ۽ ميوزڪ کان بلڪل پاڪ آهي، 24 ڪلاڪن ۾ جڏهن بہ توهان کي موقعو ملي، مدني چينل آن ڪريو ۽ علمِ دين جي موتين سان جھوليون پرڻ شروع ڪري ڇڏيو، الحمد لله! مدني چينل دعوتِ اسلامي جو اهو ممتاز ۽ بي مثال ڪارنامو آهي، جنهن معاشري ۾ هزارين ماڻهن جي زندگين کي بدلائي ڇڏيو آهي، مدني چينل گھر ويٺي علمِ دين سيکاريندو ۽ گھرن کي امن جو گھوارو بڻائيندو آهي ❁ **سوشل ميڊيا**: ڪمپيوٽر جي هن دور ۾ ٽيڪنالوجي پنهنجي عروج کي ڇهي رهي آهي. الحمد لله! دعوتِ اسلامي هن جديد ٽيڪنالوجي جي ذريعي بہ علمِ دين عام ڪرڻ ۾ مصروفِ عَمل آهي، فيس بڪ (*Facebook*) انسٽا گرام (*Instragram*) واٽس ايپ (*Whats App*) ٽوئٽر (*Twitter*) ۽ يوٽيوب (*Youtube*) وغيره تي دعوتِ اسلامي جا مختلف پيجز نهيل آهن، ويب سائٽس (*Websites*) بہ آهن جنهن جي ذريعي قرآن ۽ سنّت جو پيغام عام ڪيو پيو وڃي، دعوتِ اسلامي جو (*I.T*) ڊيپارٽمنٽ مختلف ايپليڪيشنز ناهيندو آهي، مثال طور تفسير صراطُ الجنان موبائل ايپليڪيشن: هن ايپليڪيشن جي ذريعي قرآن

پاڪ ترجمو ۽ تفسير سان پڙهي ڪري نُورِ قرآن سان سينو روشن ڪري سگهون ٿا، اهڙيءَ طرح بهارِ شريعت موبائل ايپليڪيشن: جنهن جي ذريعي ديني مسائل پڙهي ۽ سِکي سگهجن ٿا، ايئن ئي ڪيئي ايپليڪيشنون آهن.

هڪ موبائل ايپليڪيشن آهي: (*Dawateislami Digital Services*) (دعوتِ اسلامي ڊيجيٽل سروسز)، هي ايپليڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪريو! دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالوجي جي ذريعي ڪيئن علمِ دين عام ڪري رهي آهي، هن ۾ تمام تفصيل ۽ دعوتِ اسلامي جي تمام ايپليڪيشنز جو تعارف وغيره موجود آهي.

| | |
|---|---|
| اللہ کی نعمت ہے یہ دعوتِ اسلامی | آقا کی عنایت ہے یہ دعوتِ اسلامی |
| اسلام کی تعلیمات اور دین کے احکامات | سِکھلاتی شریعت ہے یہ دعوتِ اسلامی |
| سرکار کی دُکھیاری اُمّت کی ہے خیر اندیش | اور خادمِ ملت ہے یہ دعوتِ اسلامی |

## دعوتِ اسلامي ۽ جيل خانہ جات ۾ ديني ڪم

اسان جي معاشري جو هڪ طبقو آهي، جنهن کي عام طور پڙهيل لکيل، مهذب ۽ شريف ماڻهو حَقارت جي نگاهه سان ڏسندا آهن يعني پيشہ ور ڏوهي ماڻهو (*Criminals*). هي بہ اسان جي معاشري جو هڪ دردناڪ پهلو آهي جو ڪو شخص ڏوهه ڪري وڃندو آهي، جيل ۾ ويندو آهي، اتي ٻين ڏوهين جي صحبت جي ڪري وڌيڪ ڏوهہَ سکي وڃندو آهي، اللہ پاڪ جي فضل سان دعوتِ اسلامي ان طبقي کي بہ محروم ناهي ڇڏيو، دعوتِ اسلامي جو هڪ شعبو آهي: **اصلاح براءِ قيديان**. هن شعبي ۾ ڪم ڪرڻ وارا عاشقانِ رسول جيلن ۾ وڃي ڪري ڏوهين کي بہ علمِ دين سيکاريندا آهن، انهن کي قرآنِ ڪريم پڙهائيندا آهن، سنّتون ۽ آداب سيکاريندا آهن، اهڙا ڪوڙ مثال موجود آهن جو هڪ شخص ڏوهہ ڪري جيل ۾ ويو، اتي دعوتِ اسلامي جي عاشقانِ رسول جي برڪت سان علمِ

دين سکيائين، توبهه ڪيائين ۽ نيڪ نمازي بڻجي ويو.

دعوتِ اسلامی میں ہے بڑھتا عشقِ نبی کا خوف خدا کا | بڑھتی ہے نیکی کی رَغبت یومِ دعوتِ اسلامی ہے
آؤ! گنہگارو آجاؤ! توبہ کر لو مت گھبراؤ | ہو جائے گی ربّ کی رحمت یومِ دعوتِ اسلامی ہے

## خطرناڪ ڌاڙيل ڪيئن سڌريو...؟

حيدرآباد (اندرئير سنڌ، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي، اهي چون ٿا: پهريان مان خطرناڪ ڌاڙيل هيس، ماڻهن تي منهنجو دٻدٻو طاري هو، مان بهترين فائٽر هيس ۽ ڪيئي پوليس مقابلا بہ ڪري چڪو هيس، آخر ڪار پوليس مونکي گرفتار ڪري ئي ورتو. جيل ۾ رهي ڪري بہ مان ڏوهَ ڪرڻ جا نئوان نئوان منصوبا (*Plans*) بڻائيندو رهندو هيس. آزاد ٿيڻ کان بعد شايد مان ٻيهر ڏوهن (*Crimes*) واري رستي تي هلي پوان ها پر منهنجي خوش قسمتي جو منهنجي جيل ۾ دعوتِ اسلامي جي شعبي اصلاح براءِ قيديان جي اسلامي ڀائرن جي صحبت نصيب ٿي وئي. مبلغ دعوتِ اسلامي جي انفرادي ڪوشش جي برڪت سان مون پنهنجي پوين تمام گناهن کان توبهه ڪري ورتي ۽ نيڪ بڻجڻ جي نيت ڪئي، جيل ۾ ئي مونکي مدرسہ فيضان قرآن ۾ مڪمل قرآنِ پاڪ سکڻ جو موقعو مليو، مون نماز پڙهڻ سکي، ان سان گڏوگڏ 6 ڪلما، ايمانِ مفصل، ايمانِ مجمل ۽ آخري 10 سورتون پڻ ياد ڪري ورتيون. هاڻي مان هڪ نئين زندگي شروع ڪري چڪو آهيان جنهن ۾ ڏوهن جي لاءِ ڪا جڳهه ناهي. مونکي هي چوڻ ڏيو تہ مون جهڙي پاپي ۽ گنهگار کي پوليس جي دردناڪ مار تہ سڌاري نہ سگهي پر دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۽ اسلامي ڀائرن جي شفقت منهنجي ستل ضمير کي جاڳائي ڪري منهنجي سڌرڻ

جو سامان ڪري ڇڏيو.[1]

شہا! ایسا جذبہ پاؤں کہ میں خوب سیکھ جاؤں | تیری سُنّتیں سکھانا مَدَنی مدینے والے

پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ آهي توهان جي دعوتِ اسلامي...!! ٻارن کان وٺي ڪري پوڙهن تائين، معاشري جي هر طبقي، هر ماڻهو تائين علمِ دين پهچائڻ، سنّتن کي عام ڪرڻ دعوتِ اسلامي جو مشن (*Mission*) آهي ۽ الحمد لله! دعوتِ اسلامي هن ۾ ڪامياب به آهي ۽ وڌيڪ اڳتي جو سفر جاري آهي.

اچو! مدني مقصد ملي ڪري دهرايون ٿا: مونکي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!

اللہ! کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں | اے دعوتِ اسلامی تِری دھوم مچی ہو

## دعوتِ اسلامي جو هڪ ممتاز ڪارنامو

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي معاشري جو هڪ نهايت ئي افسوسناڪ پهلو آهي، اهو هي ته اسان جي معاشري ۾ چوڻ وارا تمام گهڻا آهن، ڪرڻ وارا تمام گهٽ آهن. هي سڀ چوندا آهن ته پنهنجي اصلاح ڪريو! پوري معاشري جي اصلاح ٿي وڃي. وڏا وڏا مفڪر، تجزيه نگار، تبصرا ڪرڻ وارا سڀ هيءُ ئي چوندا آهن پر سنجيدگي سان پنهنجي اصلاح تي توجهه ڏيڻ وارن جو تعداد بلڪل گهٽ بلڪ نه هئڻ جي برابر آهي.

الحمد لله! دعوتِ اسلامي جو هي ممتاز ڪارنامو آهي ته دعوتِ اسلامي مدني مقصد ئي هي ڏنو آهي: مونکي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. جڻ ته دعوتِ اسلامي جو ڪم شروع ئي پنهنجي اصلاح کان آهي. پوءِ هي به آهي ته دعوتِ اسلامي صرف هي مقصد ئي ناهي ڏنو بلڪ

---

[1]... 25 کرسچین قیدیوں اور پادری کا قبولِ اسلام،صفحہ:15 -16۔

پنهنجي اصلاح ڪرڻي ڪيئن آهي؟ هن جو طريقو ڇا هوندو؟ دعوتِ اسلامي هن جو پورو نظام ڏيندي آهي.

الله پاڪ شيخ طريقت، اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ تي رحمتن جو نزول فرمائي، پاڻ سڄي دنيا جي عاشقانِ رسول کي نيڪ اعمال جي سوغات عطا ڪئي آهي، اسلامي ڀائرن جي لاءِ 72 نيڪ اعمال، اسلامي ڀينرن جي لاءِ 63، مدرسةُ المدينہ جي ٻارن جي لاءِ 40، جامعةُ المدينہ جي طالبن جي لاءِ 92 نيڪ اعمال. **نيڪ اعمال نالي** هڪ رسالو آهي، ان ۾ مختلف سوالات لکيل آهن، هر سوال جي هيٺان خالي خانا ڏنا ويا آهن، روزانو مقرر وقت تي انهن سوالن کي پڙهي ڪري پنهنجي سڄي ڏينهن جي اعمال جو جائزو وٺڻ ۽ خانہ پرڻا هوندا آهن.

الحمدلله! سڄي دنيا ۾ لکين لکَ عاشقانِ رسول آهن جيڪي نيڪ اعمال جو رسالو پريندا ۽ ان جي ذريعي پنهنجو جائزو وني ڪري پنهنجي اصلاح جي لاءِ ڪوشش ڪندا رهندا آهن. الله پاڪ جي فضل سان اڄوڪي دور ۾ هي دعوتِ اسلامي جو ممتاز ڪارنامو آهي جو دعوتِ اسلامي لکين لکَ عاشقانِ رسول کي عملي طور تي پنهنجي اصلاح جو فڪر ڪرڻ وارو بڻائي ڇڏيو آهي.

میں بن جاؤں سراپا مدنی اِنعامات کی تصویر | بنوں گا نیک یا اللہ اگر رَحمت تِری ہوگی

**نوٽ:** دعوت اسلامي جي ديني ماحول ۾ مدني انعامات کي هاڻي نيڪ اعمال چيو وڃي ٿو.

## دعوتِ اسلامي ۾ نيڪ صحبت جي فراهمي

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪي ڪرڻ، نيڪ بڻجي وڃڻ تمام اهم آهي پر ان کان وڌيڪ اهم آهي جو ٻانهو نيڪين تي ثابت قدم رهي، نيڪين تي استقامت حاصل ڪري. ان جي لاءِ سڀ کان ضروري جيڪا شيءِ آهي، اها آهي: نيڪ صحبت. جيڪڏهن نيڪين جو ذهن ملڻ سان گڏوگڏ ماڻهو کي نيڪ صحبت به

ملي وڃي ته واقعي ماڻهو سڌري سگهي ٿو، جيستائين الله نه ڪري نيڪ صحبت نه ملي ته سڌرڻ تمام مشڪل آهي، برا دوست سڌريل انسان کي ٻيهر برو بڻائي ڇڏيندا آهن.

حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه كَشۡفُ الۡمَحۡجُوب ۾ فرمائن ٿا: هڪ شخص طواف جي دوران صرف هيءَ ئي دعا ڪري رهيو هو: اَللّٰهُمَّ اَصۡلِحۡ اَخۡوَانِي اي الله پاڪ! منهنجي دوستن کي نيڪ بڻاءِ. ڪنهن پڇيو: هن مقام تي توهان پنهنجي لاءِ دعا ڇونه ٿا گهرو؟ صرف دوستن جي لاءِ ئي ڇو دعا گهري رهيا آهيو؟ ان نيڪ شخص نهايت ئي ڪمال جو جواب ڏنو، چيائين: مونکي هتان موٽي ڪري پنهنجي دوستن وٽ ئي وڃڻو آهي، جيڪڏهن منهنجا دوست نيڪ ٿي ويا ته مونکي به نيڪين تي استقامت ملي ويندي، جيڪڏهن دوست نيڪ نه ٿيا ته انهن جي خرابي مونکي به پهچي ڪري رهندي. تنهنڪري مان دوستن جي لاءِ دعا ڪري رهيو آهيان. [(1)]

معلوم ٿيو: نيڪ بڻجڻ ۽ نيڪين تي استقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ نيڪ صحبت ملڻ تمام ضروري آهي پر اڄوڪي دور ۾ نيڪ صحبت ملي وڃي، هي به تمام مشڪل ڳالھ آهي، گناهن جو اهڙو سيلاب آيل آهي جو نيڪ ماڻهو ڳولهڻ ڪان به نه ٿا ملن، خاص ڪري نوجوان طبقي ۾ نيڪ ملي وڃي، تمام مشڪل آهي. ايئن ناهي جو نيڪ ماڻهو دنيا ۾ آهن ئي ڪونه، ڏکيائي هي آهي ته ملندا تمام مشڪل سان آهن.

الحمدلله! هي به دعوتِ اسلامي جو ڪارنامو آهي ته دعوتِ اسلامي نيڪ صحبت جي فراهمي کي آسان بڻايو آهي. اڄ کان تقريباً 41 سال پهريان هڪ مردِ قلندر اٿيو هو، ان نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ شروع ڪئي، چراغ مان چراغ روشن ڪيا، اڄ الحمد لله! سڄي دنيا ۾ لکين، ڪروڙين عاشقانِ رسول

---

[1]...ڪشف المحجوب مترجم، صفحہ:499بتغير.

موجود آهن.

اکیلا ہی چلا تھا جانِبِ منزِل مگر | اِک اِک آتا گیا کارواں بنتا گیا

توهان کي نيڪ دوست گهرجن! فيضانِ مدينہ ۾ تشريف کڻي اچو! نيڪ نمازي ملي ويندا، گهٽيءَ گهٽيءَ، شهر شهر ۾ عاشقانِ رسول موجود آهن، جيڪڏهن فرض ڪريو جيڪڏهن توهان کي ڪٿي عاشقانِ رسول جي صحبت مُيَسَّر نہ ٿي اچي تہ گهر ۾ ئي مدني چينل آن ڪري ونو! نيڪ صحبت ملي ويندي.

مدنی چینل تم کو گھر بیٹھے سکھائے گا نماز | اور نمازی دونوں عالم میں رہے گا سرفراز
مدنی چینل میں نبی کی سنتوں کی دھوم ہے | اور شیطانِ لعیں رَنجُور ہے مغموم ہے
مدنی چینل حُبِّ احمد میں رُلاتا ہے تمہیں | اور نشہ عشقِ مُحَمَّد کا چڑھاتا ہے تمہیں

## يومِ دعوتِ اسلامي جي ڌوم ڌام

پيارا اسلامي ڀائرو! سڀاڻي 2 سيپٽمبر جو يومِ دعوتِ اسلامي آهي، 2 سيپٽمبر 1981ء تي دعوتِ اسلامي جو آغاز ٿيو هو، الحمد للہ! دعوتِ اسلامي 41 سالن جي عرصي ۾ جيترا عظيم ڪارناما سرانجام ڏئي چڪي آهي، انهن سيني جو بيان هن مختصر وقت ۾ نٿو ٿي سگهي، سڀاڻي يومِ دعوتِ اسلامي جي موقعي تي مدني چينل جي خصوصي نشريات (***Special Transmission***) ڏسندا! توهان کي معلوم هوندو تہ توهان جي دعوتِ اسلامي ڪهڙي انداز ۾ سڄي ۾ دين جي خدمت ڪرڻ ۾ مصروف آهي.

اللہ پاڪ دعوتِ اسلامي کي وڌيڪ عُروج عطا فرمائي، دعوتِ اسلامي تي ۽ دعوتِ اسلامي وارن تي، خاص ڪري بانيءِ دعوتِ اسلامي شيخِ طريقت، اميرِ اهل سنت، دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ تي ڪروڙين رحمتون نازل فرمائي. بيشڪ هن دور ۾ دعوتِ اسلامي جو ديني ماحول اللہ پاڪ جي تمام وڏي نعمت آهي، ان تي جيترو شڪر ادا ڪريون گهٽ آهي، سڀاڻي يومِ دعوتِ اسلامي جي موقعي تي

شڪراڻي جا نوافل ادا ڪريو! بلڪ بهتر هي آهي ته اسان دعوتِ اسلامي جو ديني ماحول مُيَسَّر اچڻ جي شڪراڻي ۾ مدني قافلن ۾ مسافر بڻجون، سنّتون سکون ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ دعوتِ اسلامي جو ڪجھ نه ڪجھ ساٿ ڏيون. الله پاڪ اسان سڀني کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## ذيلي حلقن جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ڪم: علاقائي دورو

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد لله! دعوتِ اسلامي زندگيون بدلائڻ واري تحريڪ آهي، توهان به عاشقانِ رسول جي هن ديني تحريڪ سان وابسته ٿي وڃو، ذيلي حلقن جي 12 ديني ڪمن ۾ اڳتي وڌي حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون، ذيلي حلقن جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم علاقائي دورو به آهي. اچو ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا!

## غير مسلم مسلمان ٿي ويو

پاڪستان پنجاب جي صوبي جي هڪ مبلغ دعوتِ اسلامي جو بيان آهي، هڪ ڏينهن اسان وٽ ڪراچي کان مدني قافلو تشريف ڪٺي آيو، مدني قافلي وارن سان ملي ڪري مونکي به علاقائي دوري ۾شرڪت جو شرف مليو، اسان هڪ درزيءَ جي دڪان جي ٻاهران ماڻهن کي گڏ ڪري نيڪي جي دعوت ڏئي رهيا هئاسين، جڏهن بيان ختم ٿيو ته انهيءَ دڪان جي هڪ ملازم نوجوان چيو: مان غير مسلم آهيان. توهان حضرات جي نيڪي جي دعوت منهنجي دل تي گهرو اثر ڪيو آهي، مهرباني فرمائي ڪري مونکي اسلام ۾ داخل ڪري وٺو. پوءِ الحمد لله! اهو ڪلمو پڙهي ڪري مسلمان ٿي ويو.

مقبول جہاں بھر میں، ہو دعوتِ اسلامی | صدقہ تجھے اے ربِّ غفّار! مدینے کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# تجهيز۽ تڪفين ايپليڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اڄوڪو دور ٽيڪنالوجي جو دور آهي، اسان مان شايد هر هڪ وٽ اينڊرائيڊ (*Android*) يا آئي فون هوندو. الحمد لله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي اِسمارٽ فون (*Smartphone*) جي ذريعي به علمِ دين عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. هن حوالي سان دعوتِ اسلامي جي (*I.T*) ڊيپارٽمنٽ جي طرف کان مختلف ايپليڪيشنز جاري ٿي چڪيون آهي، جنهن مان هڪ موبائل ايپليڪيشن آهي (*Muslim's Funeral*) هن موبائل ايپليڪيشن ۾ مَيِّت جي غسل ۽ ڪفن ۽ دفن وغيره بابت اهم ترين معلومات ڏني وئي آهي ۽ هڪ خاص ڳالهه هي آهي ته مَيِّت کي غسل ڪيئن ڏيڻو آهي؟ ڪفن ڪيئن پارائڻو آهي؟ ان جي عملي طريقي جي لاءِ (*Animated Videos*) ب شامل آهن.




توهان به هي موبائل ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انستال ڪري وٺو ۽ ٻين کي به هن جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آٹيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی

وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## گهٽ ڳالهائڻ سنّتِ مصطفيٰ آهي

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1): ماڻهو جو خاموشيءَ تي قائم رهڻ 60 سال جي عبادت کان بهتر آهي.[2]

اي عاشقانِ رسول! گهٽ ڳالهائڻ سنّت مصطفيٰ آهي ❁ الحمدللّٰه! اسان جا پيارا آقا، مکي مدني مصطفيٰ ڏگهي خاموشيءَ وارا هئا.[3] ❁ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بنا ضرورت ماڻهن سان ڪلام نه فرمائيندا هئا، هند بن ابو هاله رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جو بيان آهي ته پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بنا ضرورت گفتگو نه فرمائيندا هئا بلڪ اڪثر خاموش ٿي رهندا هئا[4] خاموشيءَ مان مراد آهي: دنياوي ڪلام کان خاموشي نه ته حضورِ اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زبان مبارڪ اللّٰه پاڪ جي ذڪر سان تَرُ رهندي هئي.[5]

پيارا اسلامي ڀائرو! ❁ خاموشي حڪمت آهي ❁ گهٽ ڳالهائڻ سان عقل ڪامل ٿيندو آهي ❁ گهٽ ڳالهائڻ عبادت جي ڪنجي آهي ❁ گهٽ ڳالهائڻ سان عبادت جي لذّت نصيب ٿيندي آهي ❁ گهٽ ڳالهائڻ سان عزّت، وقار، علم ۾ اضافو ٿيندو آهي ❁ جيڪو بنا ضرورت ڳالهائڻ کان بچي، اهو شيطان تي غالب رهندو آهي.

---

1…تاريخ دمشق، جلد:9، صفحه:343.

2…شُعْبُ الْاِيْمَان، باب: حفظ اللسان، جلد:4، صفحه:245، حديث:4953.

3…شرح السنه للبغوی، جلد:7، صفحه:450، حديث:3695.

4…شمائل ترمذی، صفحه:353، حديث:225.

5…مرآة المناجيح، جلد:8، صفحه:81.

الله پاڪ اسان کي بہ گهڻ ڳالهائڻ، صرف ضرورت جي ڳالهہ واتان ڪڍڻ ۽ فضول ڳالهائڻ کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

یاربّ نہ ضرورت کے سوا کچھ کبھی بولوں | اللہ زباں کا ہو عطا قفلِ مدینہ

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ جو 91 صفحات جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

آؤ مدنی قافلے میں ہم کریں مل کر سفر | سنّتیں سیکھیں گے اِس میں اِنۡ شَآءَ الله سربسَر
جو بھی شیدائی ہے مدنی قافلوں کا یاخدا! | دوجہاں میں اُس کا بیڑا پار فرما یاخدا!

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ